# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1991
# SINDH ACT NO.III OF 1991
## سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1991
## THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1991
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 6_A جي ترميم

Amendment of Section 6_A of Sindh Act, VIII of 1975

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 10جي ترميم

Amendment of Section 10 of Sindh Act, VIII of 1975

4. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII ۾ دفعہ 10_A جو اضافو

Insertion of Section 10_A in Sindh Act, VIII of 1975

5. حقيقي خرچن جي ادائگي

Payment of actual expenses

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1991
# SINDH ACT NO.III OF 1991

## سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1991
## THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1991

[5 جون 1991]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 6_A جي ترميم
Amendment of Section 6_A of

2. سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 6_A ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1) هڪ وزير پنهنجي صوابديد موجب هڪ لک رپيا

سالیانا تائين گرانٽس جاري ڪري سگهي ٿو.”.

Sindh Act, VIII of 1975

1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 10جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Act, VIII of 1975

3.چاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن “هڪ سئو ۽ پنجويھ رپيا” لاءِ لفظ “هڪ سئو ۽ پنجاھ رپيا” متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII ۾ دفعہ 10_A جو اضافو
Insertion of Section 10_A in Sindh Act, VIII of 1975

4.چاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 13 ۾، هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

حقيقي خرچن جي ادائگي
Payment of actual expenses

“13_A. جتي هڪ وزير جڏهن ڊيوٽي دوران صوبي کان ٻاهر سفر ڪري رهيو هجي، هڪ هوٽل ۾، گيسٽ هائوس ۾، انسپيڪشن بنگلي، رهائشگاھ يا ڪنهن رهائشي ڪلب ۾ ترسي ان کي دفعہ 10 تحت ملندڙ روزانو الائونس سان گڏ اضافي ادائگي ڪئي ويندي، ان کي هڪ ڪمري جو ڪرايو ڏنو ويندو، جيڪو تن ڏينهن جي روزانو الائونس کان روزانو جي حساب سان وڌيڪ نہ هوندو، جيڪو رسيدن/ووچرز جي جمع ڪرائڻ تي ڏنو ويندو.”.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ
آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.